SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريہ 2006

# SINDH ACT NO.VII OF 2006

# لياقت ۽ ڊائو ميڊيڪل ۽ هيلٿ سائنسز يونيورسٽيز (ترميم) ايڪٽ، 2006

# THE LIAQUAT AND DOW MEDICAL AND HEALTH SCIENCES UNIVERSITIES (AMENDMENT) ACT, 2006

## (CONTENTS) فهرست

(Preamble) تمهيد
(Sections) دفعئات
1.مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. 2001 جي سنڌ آرڊيننس VIII جي ترميم
Amendment of Sindh Ordinance VIII of 2001
2004.3 جي سنڌ ايڪٽ X جي ترميم
Amendment of Sindh Act X of 2004

# سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريہ 2006

# SINDH ACT NO.VII OF 2006

# لياقت ۽ ڊائو ميڊيڪل ۽ هيلٿ سائنسز يونيورسٽيز (ترميم) ايڪٽ، 2006

# THE LIAQUAT AND DOW MEDICAL AND HEALTH SCIENCES UNIVERSITIES (AMENDMENT) ACT, 2006

[22 ڊسمبر 2006]

ايڪٽ جنهن ذريعي لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز آرڊيننس، 2001 ۽ ڊائو يونيورسٽي آف هيلٿ سائنسز ايڪٽ، 2004 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي؛

تمهيد (Preamble)

جيئن ته لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز آرڊيننس، 2001 ۽ ڊائو يونيورسٽي آف هيلٿ سائنسز ايڪٽ، 2004 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and

1.(1) هن ايڪٽ کي لياقت ۽ ڊائو ميڊيڪل ۽ هيلٿ سائنسز يونيورسٽيز (ترميم) ايڪٽ، 2006 سڏيو ويندو.

commencement

(2) اهو فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

2001 جي سنڌ آرڊيننس VIII جي ترميم
Amendment of Sindh Ordinance VIII of 2001

2.لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز آرڊيننس، 2001 ۾:

(i) دفعہ 13 ۾، ذيلي دفعہ (1) لاءِ هيٺين ريت متبادل هوندو:

"(1) صحت وارو وزير يونيورسٽي جو پرو چانسيلر هوندو"؛

(ii) دفعہ 14 ۾ ذيلي دفعہ (1) لاءِ هيٺين ريت متبادل هوندو:

"(1) ڪو شخص جنهن کي ميڊيڪل بيڪ گرائونڊ هجي اهو چئن سالن جي عرصي لاءِ اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت وائيس چانسيلر مقرر ڪيو ويندو، جيئن چانسيلر طئي ڪري ۽ چانسيلر جي مرضي تائين عهدو رکي سگهندو".

(iii) دفعہ 16 ۾، ذيلي دفعہ (1) لاءِ هيٺين ريت متبادل هوندو:

"رجسٽرار يونيورسٽي جو ڪل وقتي عملدار هوندو ۽ سنڊيڪيٽ طرفان اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت مقرر ڪيو ويندو جيئن اهڙ طئي ڪري"؛ ۽

(iv) دفعہ 19 جي ذيلي دفعہ (1) ۾، لفظن "صوبائي آڊٽ ڪاتو" لاءِ لفظ "سنڊيڪيٽ" متبادل هوندو.

2004 جي سنڌ ايڪٽ X جي ترميم
Amendment of Sindh Act X of

3.ڊائو يونيورسٽي آف هيلٿ سائنسز ايڪٽ، 2004 ۾:

(i) دفعہ 11 کي ان دفعہ جي ذيلي دفعہ (1) طور ٻيهر نمبر ڏنو ويندو ۽ ان ڪانپوءِ هيٺين نئين دفعہ شامل ڪئي

2004

ويندي:

”(2) چانسيلر جي غير حاضري يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري ڪم ڪان لاچاري جي صورت ۾ پرو چانسيلر سمورا اختيار استعمال ڪندو ۽ چانسيلر جون سموريون ذميداريون ادا ڪندو.“؛

(ii) دفعہ 12 ۾، ذيلي دفعہ (1) لاءِ هيٺين ريت متبادل هوندو:

”(1) ڪو شخص جنهن کي ميڊيڪل بيڪ گرائونڊ هجي اهو چانسيلر طرفان چئن سالن جي عرصي لاءِ اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت وائيس چانسيلر مقرر ڪيو ويندو، جيئن چانسيلر طئي ڪري ۽ چانسيلر جي مرضي تائين عهدو رکي سگهندو“.

(iii) دفعہ 20 جي ذيلي دفعہ (2) ۾، لفظن ”پرو وائيس چانسيلر“ لاءِ لفظ ”وائيس چانسيلر“ متبادل هوندا؛ ۽

(iv) دفعہ 22 جي ذيلي دفعہ (1) ۾:

(a) شق (xi) ۾، آخر ۾ ايندڙ لفظ ”۽“ کي سيمي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو؛ ۽

(b) شق (xii) ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي سيمي ڪولن ۽ لفظ ”۽“ سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي:

”(xii) هڪ عالم ۽ هڪ ناميارې عورت جيڪا ڪنهن تعليمي اداري ۾ ملازمت نہ ڪندي هجي چانسيلر طرفان نامزد ڪيا ويندا“.

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.